SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1986

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1986

مهراڻ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986

THE MEHRAN ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Act IV of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Act IV of 1977

5. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act IV of 1977

6. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV ۾ دفعہ 28-A جو اضافو

Insertion of Section 28-A in Sindh Act IV of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1986

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1986

مهراڻ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986

THE MEHRAN ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

[30 جولائي، 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977ء ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977ء ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، هن ڪري اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري

آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1)جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1977

2. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڙايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2، جي شق (1) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(11) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛".

1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم
3. ڇاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i-a) پرو وائيس چانسيلر."۔

Amendment of section 15 of Sindh Act IV of 1977

4. چاٹايل ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i-a) پرو وائيس چانسيلر."۔

1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Act IV of 1977

5. چاٹايل ايڪٽ جي دفعہ 26 جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i-a) پرو وائيس چانسيلر."۔

1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Sindh Act IV of 1977

1977 جي سنڌ ايڪٽ IV ۾ دفعہ 28-A جو اضافو
Insertion of Section 28-A in Sindh Act IV of 1977

6. چاٹايل ايڪٽ جي دفعہ 28 کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

("پرو وائيس چانسيلر) 28-A. (1) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشوري بعد مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ جيڪڏهن ڪو هجي، هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور يا ڌار ڌار، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي جيئن چانسيلر طئي ڪري مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) جتي هڪ پرو وائيس چانسيلر ذيلي دفعہ (1) تحت مقرر ڪيو وڃي ٿو، اهو هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر جا اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيا ٻيا اختيار ۽ ڪم، ڪيمپس جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ ڪيس مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر ڪيس ڪم سونپي."

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.